# صحت سهولت پروگرام

## صحت انصاف سان گڏ

خوراڪ، رهائش، تعليم ۽ روزگار جهڙين بنيادي ضرورتن جي فراهمي ڪنهن بہ معاشري جي فلاح ۽ بهبود ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکندڙ آهي. تنهن هوندي بہ ان سان گڏ صحت جي سهولتن جي فراهمي بہ متوازن ۽ خوشحال معاشري لاءِ اڻٽر آهي. بيشڪ هڪ صحتمند معاشرو ئي صحتمند قوم کي جنم ڏيندو آهي ۽ ان بدولت ايندڙ نسلون هڪ روشن مستقبل ڏانهن وک وڌائينديون آهن.

هڪ معاشرو ڪيترو صحتمند آهي ان جو اندازو معاشري ۾ عورتن جي صحت ۽ انهن کي دستياب سهولتن سان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. هڪ ماءُ جيتري صحتمند ۽ تندرست هوندي ايندڙ نسل بہ ايتري ئي صحتمند هوندي.

گذريل سالن ۾ وڌندڙ آبادي ۽ ماحولياتي گدلاڻ سبب ڪيترن ئي هاڃيڪار مرضن جنم ورتو آهي جنهن ڪارڻ هڪ وڏي تعداد ۾ فرد متاثر ٿي رهيا آهن. وڌندڙ انهن بيمارين جي علاج معالجي جي خرچ ڪڻڻ غريب ماڻهوءَ جي وس ۾ ناهي رهيو. غريب طبقي جي انهن مشڪلاتن کي نظر ۾ رکندي موجوده عوامي حڪومت صحت سهولت پروگرام جي شروعات ڪئي آهي جنهن ۾ رجسٽرڊ ڪٽنبن کي حڪومت پاران صحت جون سهولتون پهچايون وينديون

اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جو طريقيڪار

هن پروگرام تحت اوهانکي صحت انصاف ڪارڊ فراهم ڪيو ويو جي جيڪو چونڊيل سرڪاري يا خانگي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ وقت اوهان وٽ موجود هجڻ گهرجي.




اسپتال ۾ داخل ٿيڻ وقت کان اڳ ۾ اهو اطمينان ڪريو تہ اوهان وٽ صحت انصاف ڪارڊ، اصل قومي سڃاڻپ ڪارڊ ۽ ٻارن جي داخلي جي صورت ۾ انهن جو ب فارم لازمي موجود آهي. ان دستاويزن سان گڏ اسانجي چونڊيل اسپتالن ۾ جن جي فهرست موجود آهي، ۾ ڪنهن بہ ويجهي اسپتال جي چونڊ ڪريو. اتي پهچي ان پروگرام جو نمائندو اسپتال جي استقبالي ڪائونٽر تي اوهانجي رهنمائي لاءِ موجود هوندو. ان کي پنهنجو انصاف ڪارڊ ڏيو.



نمائندو اوهانجي صحت انصاف ڪارڊ جي جاچ ڪندو ۽ لاڳاپيل شعبي تائين اوهانجي رهنمائي ڪندو.



### صحت سهولت پروگرام ۾ شامل علاج ۽ سهولتون

#### 1 ثانوي علاج

هن پروگرام تحت هر رجسٽرڊ ڪٽنب کي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي صورت ۾ ساليانو -/60,000 رپين تائين جي رقم جو تحفظ فراهم ڪيو ويندو.

- ان ۾ اهو سمورو علاج شامل آهي جنهن ۾ اسپتال ۾ داخلا ضروري هجي.
- حمل ۽ ويم ۽ ان سان لاڳاپيل بيماريون جنهن ۾ اسپتال ۾ داخلا ضروري هجي.
- حادثو جنهن ۾ اسپتال داخل ٿيڻ ضروري هجي.

ثانوي علاج ۾ شامل بيماريون

- هر قسم جي بيماريون جنهن ۾ اسپتال ۾ داخلا ضروري هجي، بشمول حادثو ۽ ويم يا ان سان لاڳاپيل بيماريون.

#### 2 ترجيحي علاج

هن پروگرام تحت هر رجسٽرڊ ڪٽنب کي اسپتال ۾ داخلا جي صورت ۾ ساليانو -/300,000 رپين تائين جي رقم جو تحفظ فراهم ڪيو ويندو.

- ائن قسمن جي منجهيل ۽ مهانگي خرچ واريون بيماريون

### ترجيحي علاج ۾ شامل بيماريون

- دل جا مرض ⊙ ذيابطيس/شگر متعلق مونجهارا جنهن ۾ داخل ٿيڻ ضروري هجي
- حادثاتي ڌڪ (حياتي بچائڻ کان علاوه هڏيون ٽٽڻ، روڊ حادثو سڙڻ جو علاج)
- عضوا، (دل، جگر، گردا، ڦڦڙ) جي ناڪاره ٿيڻ جي صورت ۾ علاج
- اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي صورت ۾ دائمي بيمارين جي پيچيدگين جو علاج جهڙوڪ (ڪاري ڪامڻ)
- Hepatitis B، ڪاري سائي Hepatitis C ⊙ آخري درجي تي گردن جي بيماري
- اعصابي نظام جي جراحي

اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي دوران مريضن کي ڪنهن بہ قسم جي خرچن جي ادائيگي نہ ڪرڻي هوندي.
اِها سهولت صرف اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي صورت ۾ ئي ميسر هوندي.

### صحت سهولت پروگرام جون نمايان خاصيتون

- ڪٽنب جي فردن جي تعداد ۾ ڪا بہ حد ناهي.
- پروگرام ۾ شامل فردن جي عمر جي ڪا بہ حد ناهي.
- ثانوي علاج لاءِ اسپتال ۾ داخلا (Day Care) شامل آهي.
- ثانوي علاج لاءِ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي صورت ۾ داخلي کان هڪ ڏينهن اڳ جي ۽ اسپتال کان ٻاهر ٿيڻ کانپوءِ وڌيڪ پنج ڏينهن جون دوائون اسپتال فراهم ڪندي.

### ثانوي علاج ۾ ويم شامل آهي جنهن ۾

- نارمل ڊليوري (Normal Delivery) ⊙ سي سيڪشن
- ويم جون پيچيدگيون
- پيدائش کان پهرئين 4 پيرا چڪاس، ٻار جي پيدائش کانپوءِ هڪ چڪاس ۽ نئين ڄاول ٻار جي چڪاس
- خانداني منصوبابندي، حفاظتي ٽڪا ۽ ماءُ ٻار جي نشو نما (پرورش) جا مشورا
- خانداني منصوبا بندي جي طريقن جنهن ۾ شامل آهن.
(Copper T, Tube Ligation, Vacestomy)

### ترجيحي علاج ۾ شامل

- اسپتال مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ هڪ پيرو مفت چڪاس

هيٺ ڄاڻايل بيمارين جي تحفظ ان پروگرام ۾ شامل ناهن

- هر قسم جي او.پي.ڊي علاج
- ڄاڻي واڻي پنهنجي پاڻ کي زخمي ڪرڻ کانپوءِ علاج، خودڪشي، شراب نوشي، نشي آور دوائن يا شين جو استعمال ۽ جنسي بيماريون.
- سمورن نفسياتي، ذهني، اعصابي بيماريون، علاج/سرجري صنف جي تبديلي لاءِ (توڙي ذهني آسودگي لاءِ يا ٻيو)، اعصابي دٻاءُ، نفسياتي پريشانيون، گهٻراهٽ، ذهني دٻاءُ وغيره.
- سنڍ ۽ ان متعلق علاج، ويم حمل سان ٿيڻ جي طريقيڪار ۽ ان متعلق علاج، هارمونز جي خرابي جو علاج ۽ ان متعلق تشخيصي ٽيسٽ

اسٹیٹ لائف
انشورنس کارپوریشن آف پاکستان

# صحت سهولت پروگرام

## صحت انصاف سان گڏ

### هيٺ ڄاڻايل بيمارين جو تحفظ ان پروگرام ۾ شامل نہ آهي.

- ڪنهن بہ تفريحي/پيشيوارانہ/ خطرناڪ راند يا مقابلي ۽ ان جي تربيت/ان ۾ حصو وٺڻ جي نتيجي ۾ گهربل علاج.
- ڪنهن بہ غير قانوني حرڪت جي نتيجي ۾ گهربل علاج.
- ڪنهن بہ قسم جي ڌلڙي، جهيڙي، دهشتگردي، عوامي شورش، ٻاهرين دشمن جو قدم، جنگ جي حالت يا جنگي صورت، فوجي قدم، سياسي سرگرميون جيڪي حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ جو سبب بڻجن، قدرتي آفتن مثال طور ٻوڏ، زلزلو، سمندري طوفان وغيره جي سبب ٿيل بيماريون ۽ ڏک.
- ايٽمي تنصيب مان خارج ٿيندڙ يا ايٽمي اسلحي جي مواد سبب گهربل علاج.
- صحتيابي لاءِ آرام ۽ خدمت يا گهر ۾ علاج، اسپا، هائيڊرو ڪلينڪ، سينيٽوريم، نرسنگ هوم يا ڊگهي عرصي تائين لاءِ اهڙي هنڌ تي علاج جيڪو اسپتال نہ هجي.
- تجرباتي ۽ غير مستند علاج.
- ڏندن جو معائنو ايڪسري ۽ ڏندن متعلق سمورو علاج.
- نظر جي درستگي متعلق سرجري جهڙوڪ ريڊيل ايگزائمر وغيره.
- غير ضروري اسپتال ۾ داخلي علاج.
- ڪاسميٽڪ يا پلاسٽڪ سرجري سواءِ ڏڪ لڳڻ تي ضروري هجي.
- ڪنهن بہ عضوي جي پيوندڪاري سان لاڳاپيل علاج
- طئي ٿيل ڪمري جي مسواڙ ڪان وڌيڪ مهانگي ڪمري ۾ علاج ڪرائڻ.
- ٻين هٿرادو معاونتي ۽ طبي سازو سامان جنهن ۾ عملي طور سرجري جي ضرورت نہ هجي.
- ذاتي آسائش جا خرچ جهڙوڪ فون ڪال، ملاقاتين لاءِ کاڌو ۽ ٻيا خرچ جيڪي طبي طور تي ضروري نہ هجن.

### اڪثر پڇيا ويندڙ سوال

- **صحت سهولت پروگرام ۾ ڪهڙا ماڻهو شامل آهن.**
  هن پروگرام ۾ اهي سمورا فرد شامل آهن جن جو تعين بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ٿيندڙ غربت جي سروي ۾ ڪيو ويو آهي.
- **مونکي ڪيئن خبر پوندي تہ مونکي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ گهرجي؟**
  ڪنهن بہ جسماني تڪليف يا ويجهي ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو. جيڪو اوهانجي چڪاس ڪرڻ ڪانپوءِ اوهانکي آگاهہ ڪندو تہ بيماري جي نوعيت ڇا آهي ۽ اوهانکي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي ضرورت آهي يا نہ.
- **ڪهڙين ڪهڙين بيمارين ۾ صحت انصاف ڪارڊ استعمال ڪري سگهجي ٿو؟**
  اهڙيون بيماريون جن ۾ اسپتال ۾ داخل ٿيڻو پوي، ويم سوڌو.
- **مان اسپتال ۾ ڪيترا پيرا ڪارڊ استعمال ڪري سگهان ٿو؟**
  هر ڪارڊ ۾ هڪ ڪٽنب لاءِ ساليانو 60,000 رپين تائين جو وچ وارو علاج ۽ 300,000 رپين تائين جو ترجيح علاج ڪرائڻ جي سهولت آهي. جيستائين اها رقم موجود آهي اوهان علاج لاءِ استعمال ڪري سگهو ٿا.
- **ڇا رجسٽرڊ ڪٽنب ۾ نئين ڄاول ٻار کي بہ صحت انصاف ڪارڊ جي سهولت حاصل هوندي.**
  جي ها! رجسٽرڊ ڪٽنب ۾ نئين پيدا ٿيندڙ ٻار کي بہ صحت انصاف ڪارڊ جي سهولت حاصل هوندي بشرط هن جي پيدائش چونڊيل اسپتال ۾ ٿيل هجي.
- **جيڪڏهن ڪو ڪارڊ استعمال نہ ڪري تہ ان کي ڪا رقم ادا ڪئي ويندي؟**
  صحت انصاف ڪارڊ صرف ۽ صرف اسپتال جي داخلي علاج لاءِ آهي. ان کي استعمال نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ڪنهن بہ قسم جي رقم جي ادائيگي نہ ٿيندي.
- **ڇا مونکي اسپتال اچڻ لاءِ ڪنهن قسم جي ٽرانسپورٽ مهيا ڪئي ويندي؟**
  اسپتال ۾ داخلي علاج جي صورت ۾ مريض کي ڀاڙي جي مد ۾ -/1000 رپيا ادا ڪئي ويندا جيڪي سال ۾ وڌ کان وڌ ٽي پيرا ادا ڪيا ويندا.
  رجسٽرڊ خاندان جو مريض چونڊيل اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿيڻ جي صورت ۾ ان جي سامان جي فراهمي ۽ تدفين لاءِ مبلغ 10,000 رپين جي ادائيگي ڪئي ويندي.

منسٽری آف نیشنل ہیلتھ سروسز
ریگیولیشنز اینڈ کوآرڈینیشن
حکومت پاکستان

**هيلپ لائن**

ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ ۽ رهنمائي لاءِ ٽول فري نمبر تي رابطو ڪريو

**0800-09009**

اسٽيٽ لائف
انشورنس ڪارپوريشن آف پاڪستان

اسٽيٽ لائف بلڊنگ نمبر-9، بلند مرڪز
هيلٿ پروجيڪٽ آفيس، ٻي منزل، اسلام آباد.

## صحت سهولت پروگرام




منسٹری آف نیشنل ہیلتھ سروسز
ریگیولیشنز اینڈ کوآرڈینیشن
حکومت پاکستان

اسٹیٹ لائف
انشورنس کارپوریشن آف پاکستان